ڊاڪٽر ذوالفقار علي جلباڻي[1]
ڊاڪٽر نصرالله ڪابورو[2]

# ڊاڪٽر حامد علي خانائي جي ادبي تحقيق جو مختصر جائزو
## (6 جنوري 1934 _ 15 مارچ 2010)

# A Brief Review of the Literary Research of Dr. Hamid Ali khanai

***Abstract:***

*Dr. Hamid Ali Khanai possessed the high and prominent rank as a researcher and critic rather then fiction writer in the history of Sindhi literature. He started writing as a fiction manuscript. After the counselling of Dr. U. M. Daudpota, who knew his real instinct for writing, he soon left writing fiction and turned his best forward to research and criticism. At the age of 27, in 1961, he wrote his first treatise, 'Mansura', and continued the work of research and criticism till 2010. Khanai’s major contribution to Sindhi literature is memorable in the field of Sindhi literature. There is a series of words on the verge of parting time. It covers 49 years of knowledge gained from working in this respective field. The larger part of his work consists of 243 essays, treatises, and 17 books. His shared work for Sindhi literature covers lots of benefits for the lovers of Sindhi literature. His beneficial work always remains the source of inspiration for the army of readers.*

ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي سنڌي زبان جو عالم، فاضل، اديب، تاريخدان، محقق ۽ نقاد جي حيثيت سان ڄاتو سڃاتو پئي ويو. سندس زندگيءَ جي ايام ۾ علمي ۽ تعليمي ۽ تدريسي درسگاهه قابل استادن ۽ اعليٰ معياري نصاب جي اپياس جا گهوارا رهندا آيا آهن. سنڌي فائينل جي نصاب جو جائزو وٺڻ سان محسوس ٿئي ٿو ته ان جو مطالعو وڏي محنت ۽ جفاڪشيءَ جو حامل هو. ڏينهن رات استادن جي رهنمائي هيٺ محنت ڪرڻ کان پوءِ وڃي ڪي خوش نصيب اهو امتحان پاس ڪندا هئا. فائينل جي نصاب ۾ گرامر، مضمون نويسي، علم عروض، صنايع ۽ بدايع جي فني مهارت حاصل ڪرڻ لازم ملزوم هئي. جڏهن انهن تي طالبعلم کي دسترس حاصل ٿي ويندي هئي ته هو اديب ۽ شاعر ته لازمي ٿي

---

[1]. اسسٽنٽ پروفيسر، گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج، محراب پور.

[2]. محقق، ليکڪ.

سگهندو هو. چاڪاڻ ته هو جملي جو ڇيد ڪرڻ ۽ شعر جي تقطيع جو پيپر حل ڪرڻ کان سواءِ فائينل جو امتحان پاس ئي ڪونه ڪري سگهندو هو. ان کان علاوه اڳ تعليمي ادارن ۾ عربي ۽ فارسي زبانون به پاڙهيون وينديون هيون. ڊاڪٽر خانائي صاحب جو گهراڻو علم ۽ تعليم، ادب ۽ فن جو مرڪز هو. سندس والد صاحب حڪيم ميان محمد يعقوب '**صابر**' قريشي پڻ استاد، عالم، اديب ۽ شاعر هئڻ سبب سمورو ماحول سنڌي زبان جي ادبي فضائن سان همڪنار رهندو هو.

سندس والد حڪيم قاضي محمد يعقوب جي علمي - ادبي شوق جي اها حالت هئي ته وٽس ڪيترا رسالا ۽ ڪتاب هئا، جي خريد ڪندو رهيو هو. حامد علي خانائي سن 1949ع ۾ فائينل جو امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ، مئٽرڪ جو امتحان 1954ع ۾ پاس ڪري، تعليم کاتي ۾ ڪلارڪ مقرر ٿيو. ان دوران تعليمي، علمي ۽ ادبي لياقت وڌڻ سبب منجهس اعتماد وڌيو ۽ 1955ع ۾ قلم کنيائين.

خانائي صاحب جو ماهنامه نئين زندگي مارچ 1961ع جي شماري ۾ پهريون مقالو '**منصوره**' جي عنوان هيٺ شايع ٿيو، جنهن جي آبادي عرب دور جي شروع ۾ اٽڪل روءِ 110هه ڌاري ٿي هئي، تنهن ۾ هڪ هنڌ لکي ٿو ته: "اصطخري جنهن پنهنجو ڪتاب مسالڪ الممالڪ سال 34هه ڌاري لکيو آهي، سو لکي ٿو ته: "منصوره ۽ ملتان جي ارد گرد وارن شهرن جي ٻولي عربي ۽ سنڌي آهي." البيروني ڪتاب (الهند: ص 82) لکي ٿو ته ڏکڻ سنڌ جي ساهلي علائقي ۾ ملگاري (ملواري) زبان زياده تر رواج ۾ هئي ۽ لکڻ پڙهڻ به انهيءَ ٻوليءَ ۾ ڪندا هئا، پر منصوره ۾ هڪ زبان رائج هئي جنهن کي "**سين دب**" يعنيٰ سنڌي چوندا هئا." (قريشي: 1961ع، ص 21)

مٿين مختصر فقري ۾ لساني جائزي وٺڻ لاءِ ڊاڪٽر خانائي اصطخري ۽ البيروني جهڙن عالمن جي مستند تصنيفن تان استفاده حاصل ڪري "مسالڪ الممالڪ" ۽ ڪتاب "الهند" جا حوالا ڏيئي عربي سنڌي ۽ ملگاري (ملواري) زبان جي رائج هئڻ جي ڄاڻ ڏني آهي ۽ منصوره ۾ "**سين دب**" يعنيٰ سنڌي جي مروج هجڻ جو اطلاع ڏنو آهي. هن فقري ۾ سندس وچولي جي لهجي جي هنن لفظن ۾ خبر پوي ٿي. لکڻ پڙهڻ به انهيءَ ٻوليءَ ۾ "ڪندا" هئا. يا سنڌي "ڪري" چوندا هئا. حلانڪ ائين به لکي پئي سگهيو ته لکڻ پڙهڻ انهن ٻولين ۾ ٿيندو هو. يا "سنڌي" سڏيو ويندو هو. بهرحال خانائي جي پهرين تحقيقي ڪوشش مواد، ترتيب، معلومات ۽ لساني لحاظ کان چڱي آهي. علمي ۽ ادبي تحقيق جي لحاظ کان به، ڊاڪٽر خانائي جي اسلوب ۾ سادگي ۽ سادگيءَ جي سونهن پسي سگهجي ٿي.

"**ساميءَ جا سلوڪ**" جي عنوان هيٺ سندس مقالو ماهوار "نئين زندگي" اپريل 1965ع ۾ شايع ٿيو، جنهن مان اقتباس پيش ڪري، سندس ڏانءَ ۽ اسلوب جي

چڱيءَ پر انداز لڳائي سگهجي ٿو. ”سامي صاحب جا سلوڪ باقاعدي دوهرن جي اصول تي آهن.شاهہ ۽ُون ۾ ڏهن مصرعن تائين به وڌايو آهي، پر ساميءَ ڪنهن به سلوڪ ۾ چئن مصرعن کان وڌيڪ مصراعون نہ چيون آهن، ويدن واري قانون تي هليو آهي، جهڙيءَ طرح شاهہ ڀٽائي، سچل سر مست ۽ گرهوڙي صاحب جن ڪن ڪن بيتن جون ماترائون قرآن شريف جي آيتن، حديثن ۽ مقولن ڳنڍجڻ ڪري مقرر انداز کان وڌي وجن ٿيون، تيئن سامي صاحب جي ڪنهن به سلوڪ ۾ وڌيل نہ آهن.“(قريشي: 1965ع ص، 26)

ڊاڪٽر حامد علي خانائيءَ ۾ هي خاص خوبي آهي تہ جنهن به موضوع تي مقالي لکڻ لاءِ مواد جي ترتيب دوران ٻوليءَ جي ڪتب آڻڻ ۾ خبرداريءَ جو رويو اختيار ڪندو هو. آخر ۾ مقالي جي پڄاڻيءَ ۾ پڻ مواد، موضوع ۽ ٻوليءَ جو استعمال ۽ حقيقت نگاريءَ جي پابنديءَ جو پڻ قائل ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ان لاءِ سندس استعمال ڪيل ٻوليءَ مان به اهڙا پرتوا پون ٿا. جيئن عبدالحسين شاهہ موسوي جي مضمونن جي ترتيب دوران مقدمہ نگاريءَ جي پڄاڻي ڪندي لکي ٿو تہ:

”سيد عبدالحسين شاهہ موسويءَ پنهنجي مضمونن ۾، انسان ذات کي برادريءَ ۽ اخوت جو درس ڏنو آهي ۽ ساڳئي وقت خود غرضيءَ ۽ مفاد پرستيءَ کان پري رهڻ جي هدايت ڪئي آهي. ان کان سواءِ شاهہ صاحب نهايت ئي مؤثر ۽ سهڻن لفظن جي روپ ۾ مذهب، قوم، اندر جي صفائي، سلوڪ ۽ معرفت، علم ۽ دانائي، عمل ۽ محبت جو پيغام ڏنو آهي. ان لاءِ هن حڪيمانہ انداز ۾ ڪيترائي نسخا پڻ تجويز ڪيا آهن، جن تي جيڪڏهن انسان عمل ڪري تہ پوءِ سيئي ذهني پريشانيون ۽ سماجي برايون دور ٿي وجن ۽ انسان صحيح معنيٰ ۾ اشرف المخلوقات چوائڻ جو حقدار ٿي وجي.“ (قريشي: 2011ع ص، 40)

**الزليخا:**

**’الزليخا‘** هڪ اهڙو قصو آهي، جو پير حسام الدين راشديءَ ان جي قصي واري هيئت مثنائي ناولٽ واري هيئت ۾ آڻي هڪ نئين روايت قائم ڪئي.

سنڌي ٻولي دنيا جي قديم ۽ سڌريل ٻولين مان هڪ آهي، ان ۾ وڏي تعداد ۾ قصا ۽ داستان ملن ٿا، جي سنڌي ادب جو هڪ اهم حصو آهن. سنڌي ٻولي ۽ ادب ۾ اهو داستان ترڪي ۽ فارسي ٻولين جي ذريعي پهتو. فارسي زبان ۾ فردوسي اول ’يوسف زليخا‘ مثنوي 1025ع ۾ لکي، جا شايع ٿيل آهي. سنڌي زبان ۾ ”يوسف زليخا“ 1180هہ/1766ع ۾ احمد نالي هڪ شاعر الف اشباع واري قافيي ۾ ان کي منظوم ڪيو.

ڊاڪٽر خانائي لکي ٿو ته، ”ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ”مشهور سنڌي قصا“ ڪتاب (ص 12) ۾ شاعر جو نالو محمد ملوڪ (وفات 1180هه) ڄاڻايو، جو درست ناهي. ڊاڪٽر ڪرسٽوفر شيڪل انڊيا آفيس لائبريري ۾ موجود نسخي تان ڊاڪٽر خانائي فني اصولن تي ’الزليخا‘ کي پرکيو آهي ۽ پرک جا سنڌس علمي، ادبي فني، تنقيدي ۽ تقابلي قابليت ڏسڻ ۾ اچي ٿي، تنهن جي سرانجامي سنڌس همعصر دور جي ڪنهن بئي محقق ۾ به هجي!

پلاٽ = سموري قصي جو پلاٽ حضرت يوسف عليہ السلام ۽ بيبي زليخا سان تعلق رکي ٿو.“(قريشي: 2003ع ص، 41)

ڪردارن جي سيرت نگاري = هن قصي ۾ جيڪي به ڪردار آهن، تن جي سير نگاريءَ کي چٽڻ ۾ راشدي صاحب وڏو انصاف ڪيو آهي. انهن ڪردارن جي سيرت نگاريءَ ۾ جمالياتي عنصر جو گهڻو دخل نظر اچي ٿو.“ (قريشي: 2003ع ص، 44)

## ايچ- ايم- خوجا- هڪ مثالي استاد: H. M .Khoja: Life & work

ڊاڪٽر حامد علي خانائي جي ترتيب ڏنل ڪتابن ۾ هي ڪتاب نواب شاه جي هڪ هاءِ اسڪول جي استاد جي فرائض منصبي ۽ اهم شخصيت جي خدمتن جي اعتراف ۾ لکيل نون (9) اديبن جي سنڌي مضمونن، ستن شاعرن جي منظوم خراج سان گڏ سورهن صفحن جي ٽن انگريزي مضمونن جو مجموعو آهي، جو ڪل 198 صفحن تي مشتمل ڪتاب آهي.

ڊاڪٽر خانائي صاحب جو تيرهن صفحن جو مضمون: ”**سنڌ جو هڪ تعليمي مجاهد**“ جي عنوان سان شامل آهي. ان کان علاوه پنجن صفحن تي لکيل پيش لفظ 25 - جولاءِ 2003ع تي لکيل آهن. ڪتاب جي اشاعت سنڌس وفات کان جي چوٿين سال سيپٽمبر 2003ع تي ٿي. ڊاڪٽر خانائي پيش لفظ ۾ لکي ٿو ته: ”ايچ ايم خوجا جي زندگي جو جڏهن مطالعو ڪجي ٿو ته ائين معلوم ٿئي ٿو، ته پاڻ هڪ بيٺل اجهاڳ سمنڊ ۾ هڪ مضبوط پهاڙ وانگر نظر اچي ٿو، جنهن کي سمنڊ جي لهرن ۽ طوفانن جي ڪا پرواه ڪانه آهي.“ (قريشي: 2003ع، ص، 10)

ڪتاب ۾ آيل مضمون موضوع، اسلوب ۽ واقعات جي لحاظ کان بيشڪ پرڪشش ۽ جاذب آهن. نجم عباسي افسانوي ادب ۾ ناماچار حاصل ڪيل اديب هو. سنڌس مضمون: ”**اسڪول جونيادگيريون**“، ٻارهن صفحن تي پکڙيل آهي. اسڪالر ۽ اديب ڊاڪٽر عبدالرحمان قريشي جو مضمون به ٻارهن صفحن تي مشتمل آهي. شاعر ۽ اديب الطاف عباسي جو مضمون: ”**سنڌ جو مثالي استاد**“ اٺن صفحن تي آيل سنو خراج ۽ خدمتن جو اعتراف آهي.

ڊاڪٽر حامد علي خانائي هن ڪتاب جي ترتيب لاءِ نهايت علمي، ادبي ۽ تحقيقي گهرجون پوريون ڪندي، جيڪا حواشيہ نگاري تي جانفشاني ڪئي آهي، تنهن مان سندس علمي، ادبي ۽ تحقيقي ذوق ۽ ڪم ڏانهن سچي رويي ۽ جوابداري نڀائڻ جا سبق حاصل ٿين ٿا.

**وکريل وڙون**

معروف اديب ۽ مضمون نويس سيد عبدالحسين شاھ موسوي جي ٻاويهن مضمونن کي ترتيب ڏيئي مقدمو لکي مسودو مڪمل ڪيو.

ڊاڪٽر خانائي جو ارڙهن صفحن جو مقدمو سورهن عنوانن تحت رقم ٿيل آهي، جنهن ۾ عبدالحسين شاھ موسويءَ جي سوانح حيات، لکيل ڪتابن جو جائزو 1. چوڪرين جي ورنيڪيولر فائينل امتحان جا پيپر، 2. تفريق ۽ تقطيع، 3. جاميٽري، 4. تاريخ اسلام، 5. سڳند، 6. ديوان بيدل، 7. سرهاڻ، 8. ديوان بيڪس، 9. سيد عبدالحسين شاھ موسويءَ جي مضمون نگاري، 10. موضوع ۽ مختصر نويسي، 11. خيالن جي بلندي، 12. فطرت جو اڀياس، 13 روح ۽ جذبي جو هڪڙ، 14. اخلاقي، اصلاحي ۽ ظريفانہ انداز، 15. عبارت ۽ اسلوب بيان مضمونن ۾ ذڪر هيٺ آيل ٻٽيهن شخصيتن جي احوال تي لکيل تعليقات پڻ ٽيهن صفحن تي مشتمل نهايت ئي مفيد معلومات آهي .

هن مجموعي لاءِ ڊاڪٽر خانائي مجموعي طور راءِ قائم ڪندي لکي ٿو تہ، ”مضمونن جو هي مجموعو، هڪ اهڙو علمي ۽ ادبي مرقع آهي، جنهن جي ذريعي انسان پنهنجو پاڻ کي سجاڻي ۽ انسانذات جي اصلاح لاءِ پاڻ پتوڙي سگهي ٿو. سنڌي ادب ۾ مضمون نگاريءَ جي صنف تي هن وقت تائين جيڪي بہ مجموعا شايع ٿيندا پئي رهيا آهن، تن ۾ سيد عبدالحسين شاھ موسويءَ جو هي مجموعو، هر لحاظ کان سنڌي ادب جو هڪ وڏو شاهڪار آهي.“ (قريشي: 2011ع ص، 40)

**تاريخ نصرپور**

ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي سنڌ جي تاريخ جي مطالعي ۾ دلچسپي رکندڙ اديب هو. سنڌي جي تاريخ جا واقعا، سلسلا ۽ شهرن جي تاريخ جو مطالعو پڻ گهڻو مرغوب هو. جنهن ڪري ”ضلعي نواب شاھ“ جي تاريخ کان پوءِ سندس اهم تصنيف ”تاريخ نصرپور“ آهي، جنهن جي تحقيق ڏانهن سال 1976ع کان متوجھ رهيو. نصرپور جي تاريخ جي مختلف گوشن کي نروار ڪرڻ لاءِ ٽيھ سال لڳاتار اڀياس ڪندي ڏهن بابن تي مشتمل چارسوءُ اناويهن صفحن جو نهايت ئي مستند مطالعو لکي 22 سيپٽمبر 2006ع تي مسودو مڪمل ڪيائين. اهو مسودو سال 2014ع ۾ سندس وفات جي چئن سالن اندر ڊاڪٽر اين اي بلوچ

انسٽيٽيوٽ آف هيريٽيج ريسرچ، ثقافت سياحت ۽ نوادرات کاتو حڪومت سنڌ پاران ڇپائي پڌرو ڪيو ويو.

ڊاڪٽر ڪليم لاشاري پيش لفظ ۾ لکي ٿو، ته: ”سنڌ صوبي جو قديم ۽ تاريخي شهر نصرپور تاريخ، تهذيب ثقافت ۽ قديم آثارن جو صدين کان گهوارو رهيو آهي. ڊاڪٽر خانائي صاحب نصرپور شهر جي تاريخي، ثقافتي ۽ ادبي تاريخ لکي، تاريخ جي طالب علمن کي يقيناً اڪسايو آهي ته هو ان ڏس ۾ وڌيڪ ڪم ڪن ته جيئن هڪ مڪمل ۽ مستند تاريخي دستاويز تي سگهي.“ (قريشي: 2014ع ص، 19)

ڊاڪٽر خانائي هن ڪتاب ۾ هرهڪ باب جي آخر ۾ حوالا پيش ڪيا آهن ۽ حوالي ڏيڻ وارو دستاويزي طريقو ڪتب آڻي، آخر ۾ ببليوگرافي ڪونه ڏني آهي. ڪتاب جي آخر ۾ بشير احمد هيسباڻي پنجن قسمن جون ڏسٽيون ترتيب ڏيئي محققن لاءِ گهربل مواد حاصل ڪرڻ لاءِ آسانيون پيدا ڪيون آهن. چاليهن صفحن جون اهي ڏسٽيون بيشڪ مفيد آهن.

## تذڪره ڪوٽائي سادات روهڙي

هن ڪتاب جي اشاعت تي سنڌ جي تاريخ ۾ مغل دور جا ڪيترا گوشا روشن ٿيا، جن جي ڪري تاريخ جي حتمي مطالعي لاءِ هڪ ماخذ جو اضافو ٿيو. ”تذڪره ڪوٽائي سادات روهڙي“ متعلق ڊاڪٽر عبدالرسول قادري لکي ٿو ته: ”هن ڪتاب ۾ مغل دور جي هڪ وڏي امير، بکر ۽ سيوهڻ جي گورنر نواب سيد مير يعقوب علي خان رضويءَ ۽ سندس خاندان جي بزرگن، اميرن، عالمن، ۽ شاعرن جو تفصيلي تذڪرو بيان ڪيل آهي. هي ڪتاب 25 ڪتبن ۽ تواريخي تصويرن سان سينگاريل آهي.“ (هيسباڻي: 2011ع ص، 74)

عبدالقيوم صائب هن ڪتاب متعلق لکي ٿو، ته: ”هن ڪتاب جي وڏي خوبي هيءَ آهي جو ان ۾ جيڪي حاشيا ڏنا ويا آهن، تن ۾ ڪافي معلومات هڪ هنڌ ڪٺي ڪري، جيڪي ڳالهيون اڳ ڇاڻايل مواد ۾ غلط نظر آيون آهن، تن جي درستگي ڪئي ويئي آهي، باقي جن ڳالهين جو ڪو پورو پتو ڪونه ٿو پوي، تن جو وري اوٽ تي ذڪر ڪيو ويو آهي. مطلب ته خانائي صاحب جو تذڪره ڪوٽائي سادات روهڙي هڪ معلومات افزا ڪتاب آهي. هي ڪتاب جديد طرز تي تيار ڪيو ويو آهي.“ (هيسباڻي: 2011ع ص، 218)

## تذڪره پوراني سادات سکر

پوراني سادات کي ميرڪي سادات ۽ موسوي سادات به سڏيو ويو آهي. هن خاندان تي ڊاڪٽر خانائي ٽي سوءَ ويهن صفحن جو هڪ ضخيم ڪتاب لکي، وڏي ضرورت پوري ڪئي آهي. هن ڪتاب متعلق مولانا محمد پريل بيدار مگريو لکي

ٿو تہ: ”هن ڪتاب مان سنڌ جي علمي، ادبي، ثقافتي ۽ سياسي تواريخ جي جيڪا ڄاڻ حاصل ٿئي ٿي، ُان لاءِ هن اورچ اديب ۽ جاکوڙي عالم جيڪا ڪوشش ۽ ڪاوش ڪئي آهي، سا تہ هن جو دماغ ۽ دل گردوئي ڄاڻي ٿو. ڪيئن نہ هن محقق پنهنجو نور نچوئي، نظر جو نذرانو ڏيئي، سنڌ جي تواريخ ساز شخصيتن ۽ ماڳن مڪانن جي صحيح احوال لکڻ لاءِ پاڻ پتوڙيو هوندو. سا تہ سندس دل کي ئي خبر هوندي.“ (هيسباڻي: 2011ع ص، 98)

## مقالات خانائي

”سنڌ جي ويهن چوٽيءَ جي عالمن، عارفن ۽ اڪابرن تي مقالا موجود آهن، جن ۾ سنڌ جي ظاهري ۽ باطني علمن، تصوف جي سلسلن بزرگن ۽ مشائخن َ خانقاهن ۽ آستانن جي معلومات سان گڏ َ تحقيقي حصول ۽ حاصلات تي مبني هئڻ کان علاوه، نکور ڍنگ جي ڪري ڏيان ڇڪائي ٿو.“ (هيسباڻي: 2011ع ص، 276)

مقالات خانائي لاءِ مير محمد پيرزادو لکي ٿو، تہ: ”هن ڪتاب جي اهميت بلڪل اهڙي تي لڳي، جهڙي سنڌ جي مشائخن جي تواريخ، ”تحفت الڪرام“ ۽ ”تذڪره مشاهير سنڌ“ جي، چو تہ ان ۾ بحث هيٺ آيل شخصيتن جي ڏاهپ، علم ۽ فهم تي سنڌ جي ساڃاھ جو تاجي پيٽو ٻڌل آهي. اهو ڊاڪٽر خانائي جو ڪرشمو آهي، جو هن محدود سهولتن مان ايڏو وڏو ڪم ونندي، انهن هستين جي لکل خاصيتن کي ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل ڪتاب جي حوالي سان انهن جي سماجي روين کي بلڪل اکين ڏٺي احوال جيان تصديقي تائيدن سان عيان ڪيو آهي.“(هيسباڻي: 2011ع ص، 261)

## سنڌ مسلم ادبي سوسائٽيءَ جون علمي ۽ ادبي خدمتون

ڊاڪٽر حامد علي خانائي سنڌي تحقيق ۾ جيڪي بہ خدمتون سرانجام ڏنيون آهن سي منفرد ۽ مثاهين پد جون چئي سگهجن ٿيون. انهن خدمتن ۾ سندس تصنيف ”سنڌ مسلم ادبي سوسائٽيءَ جون علمي ۽ ادبي خدمتون“ متعلق انور منصور مگريو لکي ٿو، تہ: ”هن ڪتاب ۾ ڊاڪٽر خانائي ”سنڌ مسلم ادبي سوسائٽيءَ جي قيام ۽ جوڙجڪ اغراض و مقاصد، سوسائٽيءَ جي علمي خدمتن سوسائٽي جي سرواڻن، سوسائٽي جي ليکڪن ۽ انهن جي ڇپيل ڪتابن تي ڀرپور انداز ۾ روشني وڌي آهي. ان کان علاوه هن اداري جي اهميت ۽ ڪيل علمي خدمتن جي باري ۾ جامع تواريخ قلمبند ڪئي ويئي آهي.“(هيسباڻي: 2011ع ص، ص، 135، 136)

## ڊاڪٽرحامد علي خانائيءَ جو تنقيدي شعور

ڊاڪٽر حامد علي خانائي پنهنجي موضوعات، مطالعي جي وسعت ۽ گهرائي، فهم ۽ فراست سبب پنهنجي دور جي عالمن ۽ محققن ۾ بيشڪ هڪ

داناءُ ۽ دانشمند عالم ۽ اديب هو. هر هڪ موضوع تي قديم ۽ جديد ڇپيل ڪتابن جو تہ وٽس وڏو ذخيرو هو، پر قلمي نسخن جو بہ چڱو تعداد گڏ ڪيل هو. انگريزن جي ابتدائي دور ۾ ڇپيل ڪتابن جي ناياب ٿي وڃڻ سبب هو اهل ذوق احبابن وٽ موجود انهن آڳاٽن ڪتابن جو فوٽو ڪاپيون بہ ڪرائي رکندو هو. ڪتابن کان علاوه شايع ٿيندڙ رسالن، ڪتابي سلسلن ۽ پمفليٽن توڙي اشتهارن جا ذخيرا بہ سانڍي ۽ حفاظت سان رکندو هو. منجهس اهڙين خوبين، سليقي ۽ ساڃاهہ کيس هر طرح جي حقيقتن کان آگاهہ رکيو. تحقيق سان بيحد ۽ دماغ کي روشن ۽ درخشان ڪري ڇڏيو هو. ان ڪري هو هر تحرير ۽ تصنيف، تاليف ۽ ترجمي جي بجا طور تي تڪ طور ڪري، مستند ۽ معقول راءِ قائم ڪرڻ جو اهل هو. مجال آهي جو سندس قائم ڪيل راءِ کان ڪنهن انحراف يا اختلاف ڪيو هجي، توڙي جو اختلاف راءِ جي افاديت کان بہ آگاهہ هو. مون نہ ڏٺو آهي تہ ڊاڪٽر خانائي جي ڪنهن تصنيف، تاليف، ترتيب يا تحقيق تي ڪنهن انگشت دهاني ڪئي هجي، يا ڪو اکر آندو هجي!

ڊاڪٽر خانائي تحقيقي تنقيد ۾ اصلاح مستند معيار جو قائل هو، نہ ڪي ڪنهن جي خلاف ڪنهن بہ قسم جي لاڙي جو شڪار ٿيو. تنقيدي راءِ قائم ڪرڻ ۽ ان جي اظهار لاءِ وٽس عالمانہ رويو ۽ صداقتي بي ڊپائي هئي، جا همعصر دور جي محقق نقادن ۾ شايد خانائي جي اعتماد سان نهڪندڙ هجي! سنڌي زبان جي سموري علمي ۽ ادبي ادراڪ تہ هو، پر تحقيقي ۽ تنقيدي اوسر جو تہ جڻ عيني گواهہ هو. اڃو تہ سندس تنقيدي شعور جو جائزو وٺون.

”سنڌي زبان ۾ تعليم ڏيڻ واري تحريڪ“ تي سيني عالمن اتفاق راءِ سان مخدوم ابوالحسن ٺٽوي جي تيئن سنڌي الف بي ناهي، مقدمة الصلوات جي 1700ع ۾ تاليف ٿيڻ سان کيس ان تحريڪ جو باني مڃيو. سن 1668ع ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سنڌ جي هڪ صوفي بزرگ شاهہ لطف الله قادري جو ڪلام انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي ڄامشوري پاران شايع ڪرڻ وقت ان بزرگ جي بيتن جي هيٺين سٽن کي بنياد بڻائي اها راءِ قائم ڪئي تہ مادري زبان سنڌيءَ ۾ تعليم ڏيڻ واري تحريڪ جو باني شاهہ لطف الله قادري هو.

تہ هوءِ سنڌي وائي، سهلو ٻجهڻ ابوجهن
پانهنجي ٻولي ڪري، سگهائين اِي سکن
لطف الله ڇئي، پيو ور سکن ۽ پڙهن.“
(قريشي: مهراڻ - ¾ 1994 ص،51)

ڊاڪٽر بلوچ جي تحقيقات مطابق ڪيس هٽ آيل مختلف قلمي سنڌي رسالن جو هڪ ضخيم مجموعو، انهيءَ تحريڪ جي پنيرائي ڪري ٿو. ڊاڪٽر صاحب کي عزت بن سليمان نالي ڪاتب جو هڪ قلمي ذخيرو دستياب ٿيو آهي. اهو ذخيرو 1067ھ/1609ع وارن ٽن سالن ۾ نقل ڪيو ويو.“ (بلوچ: 1990ع ص، 342)

هن مجموعي ۾ ڪل اٺيتاليهه منظوم رسالا شامل آهن ۽ انهن مختلف موضوعن تي الڳ الڳ عالمن جا لکيل آهن، جن کي 1993ع ۾ ڊاڪٽر بلوچ ”سنڌي ٻوليءَ جو آڳاٽو منظوم ذخيرو“ جي نالي سان مرتب ڪري سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري حيدرآباد پاران ڇپايو آهي.

مٿين قلمي ذخيري جي بنيادي ئي ڊاڪٽر بلوچ جو شاهه لطف الله قادري جي ڪلام جي حوالي سان اڳ قائم ڪيل نظريو اهميت وارو نه رهيو آهي.

عزت بن سليمان جي قلمي ذخيري ۾ جن پندرهن عالمن ۽ استادن جو منظوم ڪيل مواد ملي ٿو، انهن ۾ آرادين، عثمان، جمعو ملو، آدم ڪناد، حاجي سڪر ڏنو، صادق، ٻسئو، موسو، گهرئو پٽ عمر جو، ڪنڌر، سيد نور ۽ ٻيا آهن انهن سڀني عالمن دعويٰ ڪئي آهي ته سنڌي ٻولي سولي ۽ سکي زبان آهي، جنهن ۾ ديني تعليم ۽ ٻيا علم سکڻ ۾ سولائي ٿيندي.

”سنڌي آهي سهڪي، سکڻ ابوجهن
پانهنجي واءِ پروڙي، سگهائي سکن.“
(بلوچ: 1990ع، ص:350)

ڊاڪٽر بلوچ مٿين ذخيري جو احوال پنهنجي ”سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ“ ۾ ڏنو آهي. جنهن مان اها راءِ قائم ڪجي ٿي ته هر دور جي عالمن انهيءَ تحريڪ کي زور وٺائڻ لاءِ ڪوششيون ڪيون، سي سڀ ابتدائي هيون انهن ۾ اجتمائي اثر ڪونه هو. باضابطهءِ منظم ”مادري زبان سنڌي ۾ تعليم ڏيڻ واري تحريڪ جو باني مخدوم ابوالحسن ٺٽوي هو، جنهن اجتمائي طور ان کي عملي لحاظ کان به زور وٺائي مدرسن ۾ اهل علم ۾ رائج ڪرڻ ۾ اڳواٽي ڪئي.“ (قريشي: مهراڻ ـ ¾ 1994 ص، 53)

مٿين مباحثي کان پوءِ راقم اهو نتيجو اخذ ڪري چڪو آهي ته ڊاڪٽر خانائي ”مادري زبان سنڌي ۾ تعليم ڏيڻ واري تحريڪ“ جو گوڙهو تقابلي اڀياس پيش ڪري، آڳاٽن لکتن ۽ ڪوششن کي انفرادي يا اجتمائي ڪوششون ته سمجهي ٿو، پر تحريڪ، جهڙي جامعيت ۽ اجتمائي جدوجهد جو جدا فهم هئڻ سبب ان جي اهميت ۽ افاديت قائم ڪرڻ کان اجتناب ڪونه ٿو ڪري. ان سموري تنقيد ۽ تقابلي اڀياس کي ڊاڪٽر حامد

علي خانائي پنهنجي جامع مقالي: ”خليفي مخدوم ميان محمد ٺٽويءَ جي سنڌي“ ۾ پيش ڪيو آهي، جو ٽماهي مهراڻ 3 ـ 4 1994ع جي چوويهن صفحن تي مشتمل آهي.

ڊاڪٽر حامد علي خانائي جي تنقيد جو زاويو تاريخ جي درستگي ۽ مطالعي کي مستند بڻائڻ لاءِ اهم ذميواري بنائڻ واري رويي جي غمازي ڪري ٿو، جا هڪ اهل عالم ۽ محقق جو ”خاص خاصو“ چئي سگهجي ٿو. ان سلسلي ۾ ”لب تاريخ سنڌ“ جي مؤلف خانبهادر خداداد خان جي هڪ غلطيءَ جي نشاندهي ڪندي لکي ٿو ته:

”خانبهادر خداداد خان پنهنجي ڪتاب ”لب تاريخ سنڌ“ ۾، بکر جي مغل گورنرن جي ڏنل فهرست ۾ مير يعقوب علي خان کي 47 نمبر تي ڄاڻائيندي، سندس گورنر مقرر ٿيڻ جو سن 1081هه / 1670ع بيان ڪيو آهي.“ (لب تاريخ سنڌ سنڌي ترجمو 1989ع ص: 89) دراصل، اهو ڄاڻايل سن بلڪل غلط آهي. انهيءَ مرڪوز سال يعني 1081هه / 1670ع ڌاري يعقوب علي خان سيوهڻ جو فوجدار هو ۽ سن 1084هه/1673ع تائين انهيءَ عهدي تي فائز رهيو. حقيقت ۾ مير صاحب سن 1088هه/1677ع ۾ بکر جو گورنر مقرر ڪيو ويو.“ (قريشي: 1998ع ص، 45)

مٿين سنن ۾ ستن سالن جو فرق ان عهدي جي لاءِ وڏو فرق چئي سگهجي ٿو. ڊاڪٽر خانائي اهو سن (1677ع) مير يعقوب علي خان (رابع) جي قلمي مسودي تذڪره مير يعقيوب علي خان 1325هه 1907ع ص: 10 تان حاصل ڪيو آهي.

اهڙي طرح مير علي شير ’قانع‘ تحفت الڪرام (ص 321) تي لکي ٿو ته:
”سيد صادق علي خان هن ڪان پوءِ (سيد يعقوب علي خان) سندس پٽ سيد صادق قعلي کي پيءُ جي جاءِ تي (گورنر جي عهدي تي) اها حڪومت ملي. تحفته الڪرام 321.

(مير صادق علي خان جنم 10 آڪٽوبر 1669ع ـ وفات 13 آڪٽوبر 1738ع) جي متعلق ٻين تاريخ نويسن ’قانع‘ جي بيان جو ورجاءُ ڪيو آهي. حقيقت ۾ مير صادق علي خان پنهنجي والد جي وفات کان پوءِ ڪڏهن به بکر جو حاڪم ٿي نه رهيو آهي.“ (قريشي: 1998ع ص، 77)

سن جي اهڙي غلطي مولانا دين محمد وفائي جي پڻ درست ڪئي اٿس: ڊاڪٽر خانائي تذڪره ڪونائي سادات روهڙي جي ص 13 ۾ لکي ٿو، ته: ”مولانا دين محمد وفائيءَ ”تذڪره مشاهير سنڌ“ (جلد 3، ص 241) ۾ لکيو آهي ته سيد محمد مڪي 646هه ۾ هڪ سو ڇهن سالن جي ڄمار ماڻي وفات ڪري ويو. اسان جي خيال موجب اهو سن به غلط آهي. ”شجره خاندان سادات رضوي“ ۾ سندس وفات جو سن 691هه/1292ع ڄاڻايل آهي. پاڻ بکر جي ويجهو علي واهڻ نالي ڳوٺ ۾ وفات ڪيائين. جتان سندس لاش ڪڻي اچي سکر ۾ دفن ڪيائون. سندس مقبرو ڊپٽي ڪمشنر آفيس سکر جي پر سان آهي. ڊاڪٽر خانائي سيد محمد

مڪي جي وفات جي پنجيتاليهن سالن جي غلط وٽي مٽائي درستگيءَ جو اهم ڪم سرانجام ڏنو.

ڊاڪٽر حامد علي خانائي ڪوبہ ڪتاب هٿ ۾ ڪٽندو هو تہ ان کي انهن اکين سان پڙهندو هو سر ورق کان وٺي ڏسٽين ٽائين ڏسندو ۽ الڳ صفحن تي انهن جي خوبين ۽ خامين کي ويندو هو پنهنجي علامتي ٻوليءَ ۾ رقم ڪندو. ڇپيل ڪتاب تہ بجا خود پر قلمي ڪتابن جي مطالعي ۾ سندس دلچسپي ڏينهن جا ڏينهن ڏهوڻ تي قائم رهندي هئي، جنهن جو هڪ مثال هتي آڻي سندس توجهہ مرڪوز هئڻ جو دليل پيش ڪجي ٿو پاڻ پنهنجي مقالي "سنڌ جي تاريخ جا ماخذ" (مهراڻ 1، 1995ع) جي ص: 97 تي تاريخ نوابين بکر جو تذڪرو ڪندي لکي ٿو تہ: دراصل هن ڪتاب جو مذڪور نالو "تاريخ نوابين بکر" مؤلف جي طرفان ڄاڻايل نہ آهي البت هڪ هنڌ مؤلف جي بيان مان اهو معلوم ٿئي ٿو تہ ان هي تذڪرو "تاريخ مڪام متصديان" جي نالي سان لکيو هو. مورخ سنڌ سيد حسام الدين راشديءَ پنهنجي ايڊٽ ڪيل ڪتاب "تاريخ مظهر شاهجهاني" جي (ص: 77) ماخذن جي فهرست ۾ انهيءَ ڪتاب جو نالو نائين نمبر تي ضميمہ تاريخ سنڌ ڪري ڄاڻايو آهي.

**ڊاڪٽر حامد علي خانائيءَ جي تصنيفات جو همعصر دور ۾ معيار ۽ مقام**

پرفيسر ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي باقائدي ۽ باضابطہ طور سن 1960ع کان تحقيق ۽ تجسس ۾ خدمتون سرانجام ڏيندو آيو. توڙي جو سندس تحريرن جي اشاعت سندس خواهشن مطابق نہ بہ ٿيندي هئي، تنهن هوندي بہ هو پنهنجي وڏنڊڙ اعتماد ۽ اطمينان سان تحقيق ڏانهن متوجهہ رهيو. ان ڪري سوين تحقيقي مقالا ۽ ڪجهہ ڪتاب قلمبند ڪيائين. ڪيترائي مقالا اهڙا آهن، جي الڳ ڪتابي صورت وٺي سگهن ٿا. ڊاڪٽر خانائي جي مطالعي جي گهرائي ۽ ڄاڻ جي وسعت هڪ طرف حيرت ۾ وجهندڙ آهي تہ ٻئي طرف سندس مزاج ۾ تدبر عجب ۾ وجهيو ڇڏي. ذاتي وسيلا نہ هئڻ ڪري ڪيترن ئي ڪتابن کي اختصار ۾ آڻي مقالن جي صورت ۾ شايع ڪرايو. تہ ماهي "مهراڻ" رسالي ۽ ماهوار "نئين زندگي" ۾ پڙهندڙن جا اعترافي خط ۽ عالمن اديبن ۽ محققن جا علمي ۽ تحقيقي رايا شايد ڪنهن کان ڳجها نہ هجن. سندس تحريرن ۽ تصنيفن کي مختلف محققن ۽ عالمن جنهن نظر سان ڏٺو آهي ۽ پنهنجي راءِ جو اظهار ڪيو آهي تنهن جو مختصر جائزو هت پيش ڪجي ٿو.

نامور عالم ۽ محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو، تہ: "هن پوئين ويجهي دؤر (1970ع کان 2010ع) ۾ سنڌ جي نوجوان لکندڙن، صحافين، مصنفن ۽ محققن وڏي خدمت ڪئي آهي، جن پنهنجي مطالعي ۽ فڪر کي وسيع ڪري، سنڌ

بابت ڪافي مفيد مواد مهيا ڪيو آهي. مرحوم قريشي حامد علي خانائي پنهنجي مطالعي ۽ طرز تحرير ۾ برڪ هو.

سندس لکتن ۾ تحقيق جي جھلڪ سمايل هئي. مون کي سندس صلاحيت جو پهريون پڪو اهڃاڻ تڏهن مليو، جڏهن وڏي اعتماد سان لکيائين ته ڪتاب ”حديقة الاولياءُ“ جي مصنف کي پير حسام الدين راشديءَ نٿي جو ڪري لکيو آهي، پر ھُو نصرپور جو هو. مون کي سندس لاءِ عزت هئي ۽ ساڻس منهنجي محبت پري خط و ڪتابت هئي.“ (هيسباڻي: 2011ع ص، 39)

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو لکي ٿو، ته: ”ڊاڪٽر خانائيءَ جي مقالن ۽ تصنيفن ۾ تواريخ جو شعور وڏيڪ نمايان آهي. هن ٻين عمومي موضوعن تي به لکيو، پر نواب شاهه ضلعي جي تواريخ، تهذيب، ثقافت، زبان ۽ ادب تي ڀرپور مقالا لکيائين. جڏهن مٿي آيل حوالي موجب، سندس سڀ ”مقالا“ ڏهن جلدن جي صورت ۾ شايع ٿيندا، ته ھُو هڪ مؤرخ ۽ اديب جي حيثيت ۾ وڌيڪ نمايان نظر ايندو.“ (هيسباڻي: 2011ع ص، 68)

ڊاڪٽر خانائي جي ڪتاب ”نواب شاهه ضلعو تاريخي شهر ۽ شخصيتون“ متعلق مفتي عبدالوهاب چاچڙ صاحب پنهنجي راءِ جو اظهار ڪندي ڪيس محقق ۽ مورخ جي حيثيت ۾ لکي ٿو، ته: ”خانائي صاحب جو پهريون ڪتاب منهنجي مطالعي ۾ آيو اهو ”نواب شاهه ضلعو تاريخي شهر ۽ شخصيتون“ هو. جنهن جي ترتيب ۽ مضامين جي جامعيت قابل ستائش آهي. منهنجي ساڻس پهرين ملاقات تقريباً ٽيهارو سال اڳ ۾ ٿي هئي.“ (هيسباڻي: 2011ع ص، 85)

ڊاڪٽر خانائي صاحب جي ڪتاب ”تذڪره ڪوٽائي سادات روهڙي“ متعلق ڊاڪٽر عبدالرزاق گهانگهرو پنهنجي تنقيدي راءِ جو اظهار ڪندي لکي ٿو، ته: ”هن تذڪري ۾ روهڙي شهر جي مشهور ”رضوي سادات“ جي نواب مير سيد يعقوب علي خان جي سوانح حيات، ان جي اولاد، سندن سياسي، سماجي، علمي ۽ ادبي خدمتن کي محققانه انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي. سائين حامد عليءَ ڪان اڳ ۾، قديم ۽ همعصر عالمن ۾ مؤرخن نواب مير سيد يعقوب علي خان جي ڪارنامن کي تحقيقي پيرائي ۾ بيان ڪيو ويو آهي. بلڪه سندس اولاد مان هڪ ٻئي پنيان جيڪي گادي نشين ٿيندا آيا آهن، تن جو مفصل احوال پڻ شامل ڪيو ويو آهي.“ (هيسباڻي: 2011ع ص، 105)

مولانا محمد پريل بيدار مگريو سندس تصنيف ”تذڪره پوراني سادات سکر“ متعلق لکي ٿو، ته: ”هن ڪتاب مان سنڌ جي علمي، ادبي، ثقافتي ۽ سياسي تواريخ جي جيڪا ڄاڻ حاصل ٿئي ٿي. ان لاءِ هن ريسرچ اديب ۽ جاکوڙي عالم

جيڪا ڪوشش ۽ ڪاوش ڪئي آهي. سا ته هن جو دماغ ۽ دل ئي ڄاڻي ٿو. ڪيئن نه هن محقق پنهنجو نُور نچوئي، نظر جو نذرانو ڏيئي، سنڌ جي تواريخ ساز شخصيتن ۽ ماڳن مڪانن جي صحيح احوال لکڻ لاءِ پاڻ پتوڙيو هوندو. سان ته ان جي دل کي ئي خبر هوندي!." (هيسباڻي: 2011ع ص، 98)

ڊاڪٽر خانائي جي تاليف "الزليخا" تي ٿيل تحقيق، لکيل مقدمي ۽ حاصل ڪيل نتيجن کي نظر ۾ رکندي ڊاڪٽر ام ڪلثوم شاهه لکي ٿي، ته: "ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي ادب جي ميدان ۾ يقيناً ڪنهن تعارف جو محتاج نه آهي. تحقيقي ادب جي ڪيتر ۾ سندس نالو مستند ۽ وڏو آهي. پاڻ ڪافي تحقيقي مقالن جو خالق آهي، جن ۾ تاريخي، موضوعن تي، مختلف علمي ۽ ادبي ڪارڪردگيءَ ۽ خدمات متعلق ۽ مختلف شخصيات بابت مقالا شامل آهن. در حقيقت "الزليخا" جي تاليف ۽ تحقيق ۾ جو اصولي، صحيح ۽ مستند طريقو اختيار ڪري جيڪو جائزو ورتو آهي، سو بيشڪ وڏي وٺ آهي." (هيسباڻي: 2011ع ص، ص، 235، 236)

ڊاڪٽر خانائي جي ترتيب ڏنل ڪتاب "ايچ ايم خوجا هڪ مثالي استاد" جي ترتيب ۽ اشاعت انور منصور مگريو لکي ٿو ته: "هن ڪتاب ۾ ايچ. ايم. خوجا جي زندگيءَ ۽ تعليمي خدمتن بابت سندس همعصرن، شاگردن ۽ ساٿس گڏ ڪم ڪندڙ استادن جا لکيل مضمون ۽ مقالا ترتيب ڏيئي پيش ڪيا ويا آهن. هيءُ ڪتاب ٽن ڀاڱن تي مشتمل آهي. پهرئين ڀاڱي ۾ خوجا صاحب جي زندگي، تعليمي خدمتن ۽ سرانجام ڏنل ڪارنامن تي مشتمل ٨ مضمون شامل ڪيا ويا آهن. ٻئي ڀاڱي ۾ مختلف شاعرن جي شاعري شامل ڪئي وئي آهي ۽ ٽئين ڀاڱي ۾ خوجا صاحب متعلق انگريزي زبان ۾ لکيل ٽي مضمون پيش ڪيا ويا آهن." (هيسباڻي: 2011ع ص، 129)

ڊاڪٽر خانائي جي "مقالات خانائي" متعلق ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو لکي ٿو، ته: "ڊاڪٽر خانائي جو مطالعي، تحقيق ۽ تجسس ڏانهن رويو سنجيدو ۽ عالماڻو رهيو. اهو ئي سبب آهي، جو سندس هر تحرير مستند پئي محسوس ٿئي. سال 2006ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ پاران "مقالات خانائي" جلد پهريون (شخصيات) شايع ٿي آيو، جنهن مان معلوم ٿيو ته ڇئن جلدن تي مشتمل ۽ مبني مواد جي اشاعت جي منظوري ٿي، جنهن مان هيءُ پهريون جلد آڏو آيو آهي. باقي ٿي ٻيا جلد اجهي ڪي آيا! مگر اڄ 2010ع جي پڇاڙيءَ تائين اهو ڪم ڪونه ٿي سگهيو آهي. افسوس! شال بورڊ پنهنجي رٿا تي پابند رهي، ۽ سنڌ جي تحقيق جي شائقن ۽ شاگردن کي ان مواد سان نوازي!."(هيسباڻي: 2011ع ص، 276)

وِڪريل ڏڦن هن ترتيب ۽ تحقيق متعلق بشير احمد هيسباڻي لکي ٿو، ته: "هيءُ مجموعو 'مضمون' جي صنف ۾ سنڌي ادب جو هڪ شاهڪار آهي. شاهه صاحب پنهنجي

مضمونن ۾ معاشري جي چڱاين ۽ براين جو ڀرپور نموني ۾ عڪس چٽيو آهي. ان سان گڏ اخلاقي ۽ اصلاحي ڳالهين تي پڻ زور ڏنو آهي.“ (قريشي: 2011ع ص 12)

ڊاڪٽر حامد علي خانائي جي املهه تصنيف ”تاريخ نصرپور“ جي متعلق ڊاڪٽر ڪليم الله لاشاري لکي ٿو، ته: ”ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي، منفرد علمي ذوق رکندي، سڄي عمر سنڌ جي حيات پرور ادب ۽ تاريخ جي نشي سان سرشار رهيا. هڪ جوش آفرين استاد جي حيثيت سان سندس پنهنجي هڪ جداگانه شناخت آهي. سنڌ جي تاريخ، ادب ۽ آثار قديمه تي طبع آزمائي ڪيائون. سانپر ۾ اڇڻ سان ئي جيڪو قلم ڪنيائون. سو مرڻ گهڙيءَ تائين هٿ مان نه ڇڏيائون. ائين چئجي ته مرحوم سنڌ جي علم و ادب ۽ تاريخ جي هنج ۾ ئي پنهنجو دم ڏنو، ته وڌاءُ نه ٿيندو. بلاشڪ پاڻ پنهنجي تصنيفن ۽ لکڻين سان سنڌ جي عوام جي جيڪا خدمت ڪيائون. اها ناقابل فراموش آهي.“ (قريشي: 2014ع ص، 18)

ڊاڪٽر حامد علي خانائيءَ جي متعلق گل محمد عمراڻي لکي ٿو، ته:

“Qureshi Hamid Ali Khanai had inherited literary taste and temperament from his progenitors and he learned the art of prosody from his learned father. He assumed the non deplume (Takhalus) of “Khadim” but soon realized that his real potentials belonged to the realm of prose and historiography. Under the guidance and inspiration of Dr. U. M. Daudpota he commenced work on the historio –graphical data of his ancestral region called “Sahitee Pargano”. The late well known oriental scholar Ghulam Muhammad Griami was his mentor in the composition of academic and literary works. Khanai Sahib sought the intellectual and enlightened guidance of late Maulai Shedai and Pir Hussamuddin Rashidi in the domain of History and archeology”.(هيسباڻي: 2011ع ص، 1/ 298)

## نتيجو:

ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي مضمونن ۾ محسوس ڪيل ڳالهين کي سهل بيانيءَ سان پيش ڪري ٻوليءَ جي ماهيت ۽ وسعت جو وڏو مثال ڏنو آهي. مطلب ته ڊاڪٽر خانائي جو اسلوب معياري ۽ اعليٰ پائي جو مثال آهي ۽ ٻوليءَ توڙي لهجي جي لحاظ کان معياري لهجي ۽ ادب توڙي تحقيق ۾ استعمال ٿيندڙ عالمانه ۽ تحقيق سان منسلڪ آهي. ڊاڪٽر خانائي وچولي جي لهجي سان وابستگي رکندڙ هئڻ جي ناتي فطرتي طور محسوس ضرور ٿئي ٿو، تنهن جي باوجود به هو معياري ٻولي کي سموري سنڌ جي لاءِ مفيد ڄاڻي، ان جي ئي استعمال کي اوليت ڏئي ٿو. ان لاءِ به هو جس لهڻي جو پنهنجي انفرادي اسلوب قائم ڪري پنهنجي لکڻين جي هڪ اهم علمي ادبي سڃاڻپ ڇڏي ويو آهي.

## حوالا:


1. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، (1988ع)، _ جامع سنڌي لغات._ (جلد پنجون)، ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.

2. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، (1990ع)، _ سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ._ (ڇاپو ٽيون)، پاڪستان ڄامشورو، اسٽڊي سينٽر.

3. ٽه ماهي مهراڻ ـ 3 ـ 1986ع، ڄامشورو. سنڌي ادبي بورڊ.

4. سومرو، ’شاد‘ محمد شريف، پروفيسر، (2020ع)، 15 _ جنوري ملاقات دوران ڏنل معلومات.

5. سيد، حسام الدين، شاهه، راشدي، (2003ع)، _ الزليخا _ (تحقيق ۽ ترتيب) قريشي، ’خانائي‘ حامد علي، ڊاڪٽر (ڇاپو پهريون) سنڌ، حيدرآباد/ سڪرنڊ، مارئي اڪيڊمي.

6. سيد، عبدالحسين شاهه، موسوي، (2011ع)، _ ٻڪريل ڦڙون _ تحقيق ۽ ترتيب: قريشي حامد علي ’خانائي‘ ڊاڪٽر ـ (ڇاپو پهريون)، سنڌ نواب شاهه، ساهتي ادبي اڪيڊمي.

7. قريشي، ’خانائي‘ حامد علي، (1961ع)، ”منصور“ (مقالو)، ماهوار نئين زندگي، جلد 14، نمبر3، مارچ، ايڊيٽر: عبدالواحد سنڌي، ڪراچي.

8. قريشي، ’خانائي‘ حامد علي، (1965ع)، ”ساميءَ جا سلوڪ“ (مقالو)، ماهوارنئين زندگي، جلد: ارڙهون، نمبر: چوٿون، ماهه اپريل ڪراچي.

9. قريشي، ’خانائي‘ حامد علي، ڊاڪٽر، (1994ع)، ”خليفي مخدوم ميان محمد ٺٽويءَ جي سنڌي“ (مقالو)، ايڊيٽر: نفيس احمد شيخ، ـ ٽه ماهي مهراڻ ـ جلد 43، ¾ سنڌ ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ.

10. قريشي، ’خانائي‘ حامد علي، ڊاڪٽر، (1988ع) تذڪره ڪوٽائي سادات روهڙي، (ڇاپو پهريون). سنڌ، نواب شاهه، ساهتي ادبي اڪيڊمي.

11. قريشي، ’خانائي‘ حامد علي، ڊاڪٽر، (2003ع)، _ ايچ ـ ايم ـ خوجا هڪ مثالي استاد _ (ڇاپو پهريون)، سنڌ، حيدرآباد/ سڪرنڊ، مارئي اڪيڊمي.

12. قريشي، ’خانائي‘ حامد علي، ڊاڪٽر، (2014ع)، _ تاريخ نصرپور ـ سهيڙيندڙ ۽ سنواريندڙ: هيسباڻي، بشير احمد (ڇاپو پهريون)، حڪومت سنڌ، ڊاڪٽر اين. اي. بلوچ. انسٽيٽيوٽ آف هيريٽيج ريسرچ، ثقافت، سياحت ۽ نوادرات کاتو.

13. قريشي، ’خانائي‘ حامد علي، ڊاڪٽر، (2016ع)، _ سنڌ مسلم ادبي سوسائٽيءَ جون علمي ۽ ادبي خدمتون _ سُوڏيندڙ ۽ سنواريندڙ: هيسباڻي، بشير احمد (ڇاپو پهريون) حڪومت سنڌ، ڊاڪٽر اين. اي. بلوچ. انسٽيٽيوٽ آف هيريٽيج ريسرچ، ثقافت، سياحت ۽ نوادرات کاتو.

14. هيسباڻي، بشير احمد، (2011ع)، (مرتب)، _ ساهتي پرڳڻي جو ٻهائو تارو ڊاڪٽر قريشي حامد علي ’خانائي‘ سوانح حيات، علمي ۽ ادبي خدمتون _ (ڇاپو پهريون)، سنڌ نواب شاهه، ساهتي ادبي اڪيڊمي.